فضائلِ دعا ڪتاب مان ورتل مواد جي پنجين قسط

کهڙي دعا نه ڪرڻ گهرجي؟

مصنف: رئيس المتڪلمين مولانا نقي علي خان رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه
شارح: اعلٰي حضرت، امام اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه
پيشڪش: مَجْلِس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِية (دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفکربيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: کهڙي دعا نہ ڪرڻ گهرجي
ڇاپو پهريون: شوال المکرم 1441هہ، جون 2020ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مکتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مکتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

ڪھڙي دعا نہ ڪرڻ گھرجي

ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) ھن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آھر ڪوشش ڪئي آھي. جيڪڏھن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

کهڙي دعا نه ڪرڻ گهرجي

دُرود شريف جي فضيلت

حضرتِ علامہ مجدُالدّين فيروزآبادي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه کان منقول آهي: جڏهن ڪنهن مجلس ۾ (يعني ماڻهن ۾) ويهو ته پڙهو: بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد ته الله پاڪ اوهان تي هڪ ملائڪ مقرر فرمائيندو جيڪو اوهان کي غيبت کان باز رکندو. جڏهن مجلس کان اٿو ته چئو: بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد ته ملائڪ ماڻهن کي اوهان جي غيبت ڪرڻ کان باز رکندو. (القول البديع ص228)

فصل ; سنون

کهڙين کهڙين ڳالهين جي دعا نه ڪرڻ گهرجي

قال الرضا: هن ۾ پندرهن مسئلا بيان ڪيا ويا آهن، ٻارنهن حضرت مصنف جا ۽ ٽي گذارشون هن فقير جون[1]

مسئلو پهريون; دعا ۾ حد کان نه وڌڻ گهرجي مثال طور: انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو مرتبو گهرڻ يا آسمان تي چڙهي وڃڻ جي تمنا ڪرڻ، ائين ئي جيڪي شيون محال[2]

---

[1] يعني حضرت مصنف جي 12 ارشادن سان گڏ هن فقير جون ٽي گذارشون.

[2] جنهن جو وجود في البديهه متصوَّر نه هجي جيئن جسم جو حرڪت ۽ سڪون کان خالي هئڻ يا نظري طور غيرمتصورهجي جيئن شريڪِ باري تعاليٰ جو وجود. ("المعتقد والمنتقد" (مترجم) ص34)

محال جون ٽي قسمون آهن: (1) محالِ عقلي (2) محالِ شرعي. (3) محالِ عادي. هن باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ "المعتقد المنتقد" ملاحظ فرمايو.

(يعني ناممڪن) يا جيڪي محال جي ويجهو هجن اهي به نه گهري.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۹۰﴾[1]

قال الرضا: ”درمختار“ وغيره ۾ آهي ته: هميشه جي لاءِ تندرستي ۽ عافيت گهرڻ، جو ماڻهو ڪڏهن به ڪنهن به طرح جي تڪليف ۾ نه پوي، اها محالِ عادي[2] جي دعا گهرڻ آهي. (”الدرّالمختار“، ڪتاب الصلوٰة جلد2، ص287)

اَقول: پر حديث شريف ۾ آهي:

اَللّٰهُمَّ إِنِّیْ أَسأَلُكَ الْعَافِيَةَ وَ تَمَامَ الْعَافِيَةِ وَ دَوَامَ الْعَافِيَةِ

ترجمو: ”الٰهي! مان توکان عافيت ۽ ڪامل عافيت ۽ عافيت جي هميشگي گهران ٿو.“ (جامع الاحديث“ للسيوطي، المسانيد والمراسيل، مسند علي بن ابي طالب، الحديث:6028، جلد15،ص343)

پر هتي ”تَمَامَ الْعَافِيَة“ مان دين و دنيا ۽ روح و جسم جي هر بلا(مصيبت) کان محفوظ هئڻ مراد هجي جيڪا حقيقي طور بلا آهي يا وري ناقابلِ برداش بلائن کان محفوظ هئڻ مراد آهي.[3] دين ۾ عقيدة

---

[1] ترجمو: بيشڪ الله حد کان لنگهندڙن کي پسند نه ٿو ڪري. (پ-۲، سوره البقره، آيت ۱۹۰)

[2] محالِ عادي مان مراد هيءُ آهي ته عام طور يا عادتاً ائين ٿيندو نه هجي پر ان جو هئڻ ناممڪن به نه هجي، ڪڏهن ڪنهن حڪمت جي تحت ٿئي به سگهندو هجي، مثلاً ڪنهن شخص جو هميشه جي لاءِ صحتمند رهڻ بيمار نه ٿيڻ

[3] (پر هي ته” تَمَامَ الْعَافِيَة“ مان دين و دنيا ۽ روح و جسم جي هر بلا کان محفوظ هئڻ مراد هجي جيڪا حقيقي طور بلا آهي يا وري ناقابلِ برداش بلائن کان محفوظ هئڻ مراد آهي جيتوڻيڪ ان تي صبر ڪرڻ ۾ اجر و ثواب جو باعث آهي، مختصر هيءُ ته ”تمام العافية“ مان هر طرح جي بلا کان محفوظ هئڻ هرگز مراد ناهي جوته ڪجهه بلائون. مثلاً: ٿورو بخار، زڪام ۽ مٿي ۾ سور

۽ عملاً ڪنهن قسم جو نقص مطلقاً بلا (مصيبت) آهي ۽ روح تي غم و فڪرِ عقبيٰ کان علاوه (آخرت جي فڪر کان علاوه) ۽ هر غم ۽ پريشاني مطلقاً رنج و عنا (يعني رنج ۽ تڪليف آهي) ۽ جسم جي معاملي ۾ ڪڏهن ڪڏهن هلڪو بخار، زڪام، مٿي ۾ سور ۽ ان جي مثل معمولي مرضَ مصيبتون ناهن پر نعمتون آهن بلڪ انهن جو نه هئڻ مصيبت آهي خدا تعاليٰ جي بانهن تي جيڪڏهن چاليهه ڏينهن گذري وڃن ۽ ڪا بيماري ۽ پريشاني نه اچي ته توبه ۽ استغفار ڪندا آهن ته خدانخواسته اسان کان توجهه نه هٽائي وئي هجي. ها! سخت مرضَ مثلاً جنون و جذام ۽ برص ۽ انڌائپ ۽ طاعون[1] يا نانگ جي ڏنگڻ، سڙڻ، ٻڏڻ، دٻجڻ، ڪِرڻ ۽ اهڙي طرح جون ٻيون بيماريون جيتوڻيڪ هي مسلمان جي گناهن جو ڪفارو ۽ باعثِ اجر و شهادت

وغيره مصيبت و بلا ناهن بلڪ هڪ طرح جي نعمت آهن جيئن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اڳتي هلي پاڻ وضاحت فرمائي رهيا آهن.

[1] جنون: ”جنون اهڙي دماغي خلل ۽ حرج کي چوندا آهن جو عام طور پنهنجي معمول جي مطابق انسان جا قول و فعل باقي نه رهي سگهن، چاهي اها ڪيفيت فطري ۽ پيدائشي طور هجي، يا بعد ۾ ڪنهن مرض جي سبب هجي.“ (القاموس الفقهي ص69) **جذام:** (ڪوڙهه) ”هڪ مرض جنهن ۾ بدن سفيد (اڇو) ٿي ويندو آهي مرض جي شدت سبب عضوٰي به ڳري ويندا آهن. (اردو لغت، ج 6، ص 554) **برص:** اها سخت اڇاڻ جيڪا مڪمل بدن يا ان جي ڪجهه حصن تي ٿيندي آهي جيڪا پوري جسم ۾ ڦهلجي ويندي اهي ۽ وڌندي ويندي آهي ايتري تائين جو اها اڇاڻ پوري بدن کي گهيري وٺندي آهي، اها ڪمزور ۽ معزور ڪرڻ واري بيماري آهي. (الرحمة في الطب والحڪمة، للسيوطي، الباب الثامن والاربعون والمئة، ص 175) طاعون: هڪ وبائي بيماري جنهن ۾ هڪ وڏي ڦرڙي بغل يا ٿنگ ۾ نڪرندي آهي ۽ ان جي زهر کان انسان جي جيئرو رهڻ جي اميد تمام گهٽ هوندي آهي، ان بيماري ۾ عام طور الٽي، بيهوشي ۽ خفقان (هڪ بيماري جنهن ۾ دل جي ڌڙڪن وڌي ويندي آهي) جو غلبو رهندو آهي. (اردو لغت، ج 13، ص 53) طاعون کان پڃڻ جي متعلق امام اهلسنت جو رسالو: ”تيسرالماعون للسڪن في الطاعون“ فتاوي رضويه جي جلد 24 ص 285 تي ملاحظ فرمايو.

۽ رحمت آھن. ضرور ھي مصيبتون لَا تُحَمِّلۡنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ[1] ۾ داخل آھن. تنھنڪري انھن کان عافيت گھري وئي ۽ انھيءَ ڪري حديثِ پاڪ ۾:

”اَعُوۡذُ بِكَ مِنۡ سَيِّئِ الۡاَسۡقَامِ“[2] (سنن ابي داؤد، كتاب الوتر، باب في الاستعاذة، الحديث:1554، جلد2 ص132) بري مرضن جي قيد لڳائي پناھ طلب ڪئي تہ تمام العافيہ ودوام جو اھو ئي محمل آھي پوءِ ھاڻي فقھاء جي ڪلام سان تعارض ختم ٿي ويو.[3]

اھڙي طرح علامہ قرافي و علامہ لقاني وغيرھما انھيءَ ۾ شمار ڪيو تہ: بنھي جھانن جون ڀلايون گھرڻ يعني جيڪڏھن اھو مقصود ھجي تہ دارين جون سڀ خوبيون ملن تہ انھن خوبين ۾ نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جا مرتبا بہ آھن جيڪي ان کي نٿا ملي سگھن. (انوار البروق الفرق الثالث والسبعون والمائتان، القسم الثاني جلد4ص453) ۽ انھيءَ ۾ داخل آھي اھڙي امر جي بدلجڻ جي دعا گھرڻ جنھن تي قلم جاري ٿي چڪو آھي، مثلاً: ڊگھي قد وارو چوي: منھنجو قد ننڍو ٿي وڃي يا ننڍين اکين وارو چوي: منھنجون اکيون وڏيون ٿي وڃن. اھڙيون دعائون نہ ڪرڻ

---

1 ترجمو: اسان تي اھو بار نہ وجھ جنھن جي اسان کي طاقت نہ ھجي. (پ 3، البقره: 286)

2 يعني: اي الله! مان بري مرضن کان تنھنجي پناھ گھران ٿو.

3 ذڪر ڪيل بحث سان اھا حديث پاڪ جنھن ۾”اِلٰھي! مان توکان عافيت ۽ عافيت جي تمامي ۽ عافيت جي ھميشگي گھران ٿو“ فرمايو ويو ۽ فقھاءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جو ڪلام جيڪو ھاڻي ”درمختار“ جي حوالي سان گذريو” تہ ھميشہ جي لاءِ تندرستي ۽ عافيت گھرڻ جو انسان جو عمر ڀر ڪڏھن بہ ڪنھن طرح جي تڪليف ۾ نہ پوڻ بہ محالِ عادي آھي“ جي درميان پيدا ٿيڻ وارو ھي ظاھري تعارض دور ٿي ويو ۽ اھو ئي”تمام العافيہ“ جو مفھوم آھي تہ ناقابلِ برداش بلائن کان محفوظ رھي.

گهرجن اهي اهڙي امر جون دعائون آهن جنهن تي قلم جاري ٿي چڪو آهي (يعني ان جو فيصلو ٿي چڪو آهي ان ڪري هاڻي ان تي صبر ڪري دعا نه ڪري).

قال الرضا: جيتوڻيڪ محالِ عقلي کان سواءِ ڇو ته اصلاً صلاحيتِ قدرت ناهي رکندو، سڀ ڪجهه قدرتِ اِلٰهيه تحت داخل آهي. پر خلافِ عادت ڳالهه جي درخواست صرف انبياء عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ اولياء رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم کي ماڻهن جي هدايت ۽ انهن تي حجت قائم ڪرڻ لاءِ الله پاڪ جي اجازت سان معجزن ۽ ڪرامات جو اظهار ڪرڻ جائز آهي. بين جو عالمِ دنيا ۾ تي ڪري اهڙي ڳالهه گهرڻ پنهنجي حد کان وڌڻ ۽ جهالت ۾ پوڻ آهي.

كَبَاسِطِ كَفَّيۡهِ إِلَى ٱلۡمَآءِ لِيَبۡلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ بِبَٰلِغِهِۦۚ

ترجمو: جيڪو پاڻي جي سامهون پنهنجا هٿ ڦيلائي بيٺو آهي ته ان جي وات ۾ پهچي وڃي ۽ اهو ڪڏهن به نه پهچندو. (پ 13، سوره رعد، آيت:14)

مسئلو پيو: فالتو ۽ بي فائده دعا نه ڪري.

ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي ته: بني اسرائيل ۾ سنوس[1] نالي هڪ شخص هو، ان کي حڪم ٿيو ته تنهنجون 3 دعائون قبول ٿينديون. ان پنهنجي زال جي لاءِ بني اسرائيل جي سيني عورتن کان خوبصورت عورت ٿيڻ جي دعا ڪئي ته ان جي زال بني اسرائيل جي خوبصورت ترين عورت بڻجي وئي پر خوبصورتي جي غرور عورت کي مڙس جو

---

[1] قد وجدنا اسمه: بسوس.

نافرمان ٻڻائي ڇڏيو ھڪ ڏينھن ان تنگ اچي پنھنجي گھرواري جي لاءِ بد دعا ڪئي: خدا توکي ڪتي ٻڻائي تہ اھا ڪتي ٿي وئي. پوءِ پٽن جي سفارش تي سنوس پنھنجي گھرواريءَ جي لاءِ دعا ڪئي. الٰھي! ھن کي پھريان واري شڪل و صورت عطا فرماءِ. اھا دعا بہ قبول ٿي وئي ۽ ان کي پھريان جھڙي صورت عطا ڪئي وئي. ائين سنوس جون ٽئي دعائون ضايع ٿي ويون. (تفسير البغوي، الاعراف، تحت الآية: 175، ج2ص180، و تفسير الخازن، الاعرف، تحت الآيت:175، ج 2 ص 160.)

مسئلو ٽيون: گناھ جي دعا نہ ڪري تہ مونکي پرايو مال ملي وڃي يا ڪا بدڪار اچي مون سان زنا ڪرائي ڇو تہ گناھ جي طلب بہ گناھ آھي.

مسئلو چوٿون: رشتيدارن جي تعلق ٽوڙڻ جي دعا نہ ڪري، مثلاً فلاڻي ۽ فلاڻي رشتيدار وچ ۾ لڙائي ٿي وڃي.

حديث ۾ آھي: ”مسلمان جي دعا قبول ٿيندي آھي، جيسيتائين ظلم ۽ قطع رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ) جي دعا نہ ڪري. (سنن الترمذي، ڪتاب الدعوات، باب ماجاء انّ دعوة المسلم مستجابة، الحديث، 3392)

قال الرضا: قطع رحمي بہ ھڪ گناھ جو قسم آھي، جيئن حديثن جي باب ۾ اثم تي عطف فرمايو ويو آھي: ما لم يدعٍ بإثم أو قطيعة رحم (جيسيتائين گناھ يا قطع رحم جي دعا نہ ڪري). (المرجع السابق) انھيءَ ڪري حضرت مصنف قُدِّسَ سِرُّہ احاديث جي پيروي ڪندي ھن مسئلي کي الڳ لکيو.

مسئلو پنجون: الله تعاليٰ کان حقير شيءِ نه گهري جو پروردگار غنّي آهي، جيڪڏهن پوري مخلوق کي هڪ گهڙي ۾ انهن جي حوصلي کان وڌيڪ بخشي ڇڏي، ته ان جي خزاني ۾ ڪجهه به نقصان نه ٿئي. حضرت امام الْمُرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جڏهن خدا کان دعا گهرو ته فردوس گهرو ڇوته اها درمياني بهشت ۽ اعليٰ جنت آهي ۽ ان جي مٿان رحمٰن جو عرش آهي، ۽ انهيءَ مان بهشت جون نهرون جاري ٿينديون آهن.“ (صحيح البخاري، ڪتاب التوحيد، باب: {وَكَانَ عَرْشُهُ عَلَى الْمَاءِ} الحديث: 7423 ، ج 4، ص 547) ۽ حديث ۾ اهو به آيو آهي ته: ”جڏهن تون دعا گهرين ته گهٽو گهر ڇوته تون ڪريم کان گهرين ٿو.“ (صحيح ابن حبان، حديث:886،ج2ص124،)

اي عزيز! اهو ڪريم و رحيم آهي، بنا گهرڻ جي ڪروڙين نعمتون تنهنجي حوصلي ۽ قابليت کان وڌيڪ توکي عطا ڪندو آهي. جيڪڏهن تون ان کان گهرندين ته گهٽو ڪجهه ماڱيندين. (۽ ڇا ته خوب چيو ويو آهي)

آنکه ناخواسته عطا بخشد | گر تو خواهش کنى چها بخشد[1]
بادشاه هے ست اواگر خواهد | هر دم عالم بيک گدا بخشد[2]

۽ جيڪو حديث ۾ آيو آهي ته ”جوتي جي ڪِهي به ٽٽي ته اها به خدا کان گهر. (سنن الترمذي، ڪتاب الدعوات، باب ليسال احدڪم ربه حاجته ڪلها، الحديث:3623، ج5 ص

---

[1] بن مانگے عطا فرماتا ہے محروم کبھی پھیرا ہی نہیں — فریاد اگر تو کرلے کبھی پھر دیکھو عطاؤں کی بارش

[2] تو بادشاہ ہے اے مرے مالک! گدا کو تو — اگر چاہے عطا کر دے دو عالم آنِ احد میں

349) ۽ هڪ ٻئي مقام تي آهي تہ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو: ”ديڳڙي جو لوڻ بہ مونکان گهرو“ (سنن الترمذي، كتاب الدعوات، باب ليسال احكدم ربه حاجته كلها، الحديث:3623،ج5ص349) مطلب اهو آهي تہ پنهنجي سڄي توجهہ منهنجي طرف رک غير سان اصلاً تعلق نہ رک، جيڪو گهرڻو اٿئي مونکان ئي گهر، جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن حقير ۽ خسيس شيءِ جي ضرورت هجي تہ مونکان ئي سوال ڪر پر هي تہ رڳو خسيس ئي سوال نہ ڪر، ۽ تحقيق اها آهي تہ هي حڪم احوال جي اختلاف جي اعتبار سان مختلف آهي جيسيتائين خدا جي عام ڪرم ۽ قدرت ۽ پنهنجي عاجزي تي نظر هجي ۽ باوجود ان جي خسيس حقير شيءِ جي ضرورت پيش اچي تہ ٻئي کان سوال ڪرڻ ۽ غير جي سامهون هٿ ڦهلائڻ قبول نہ ڪري، خدا کان هن قسم جو سوال ڪرڻ ۾ مضائقو ناهي، پر بنا ضرورت خسيس شيءِ گهرڻ بي وقوفي آهي، عمده شيءِ گهري ڇوتہ خدا ڪريم آهي ۽ هر شيءِ تي قادر آهي.

قال الرضا: دنيا ذليل ۽ ان جو تمام ساز و سامان ڪثرت جي باوجود قليل آهي. (قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيْلٌ[1]) اهو مسلمان جي لاءِ سفري سامان آهي ۽ سفري سامان جي ضروت موجب حاجت هوندي آهي نہ وري گهٽائي جي، انهيءَ ڪري ان ۾ وڌيڪ جي هوس، ڪثرت جي طلب ناپسنديده عمل آهي. اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ۝ حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ۝[2]

---

[1] ترجمو: تون فرماءِ تہ دنيا جو نفعو ٿورو آهي. (پ5، النساء: 77)

[2] ترجمو: توهان کي غافل ڪيو زياده مال طلبي ايتري تائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو.

۽ بنا ضرورت غيرن جي دروازي تي پنڻ جي شرعي طور تي اجازت ناهي، جيڪر حاجت نه موجود هجي تنهن هوندي به غير سان گهرڻ ناپسنديده ۽ گهٽائي جي هوس نه بري آهي، يقيناً لوڻ جي چپٽي به رب ڪريم کان ئي گهرنداسي ۽ ائين نه چونداسين ته لوڻ جو جبل ڏئي ڇڏ، يا پيسن جي ضرورت آهي ته ڪروڙين روپيه ڏئي ڇڏ چوته هڪ روپيو ۽ ڪروڙين اشرفيون ذليل و قليل هئڻ ۾ بئي برابر آهن، هي "ڪرّالي ما منه فرّ"[1] برخلاف آخرت جي نعمتن جي چوته هن ۾ زيادتي مطلوب و مقصود ۽ ربَّ ڪريم جي عطا غير محدود آهي پوءِ چو گهٽ تي قناعت ڪريون! وللّٰه الحمد

مسئلو ڇهون: پريشاني ۽ مصيبت کان گهبرائجي پنهنجي مرڻ جي دعا نه ڪري، جو مسلمان جي زندگي ان جي حق ۾ غنيمت آهي.

ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ چون ٿا: هڪ شخص شهيد ٿيو، هڪ سال کان پوءِ ان جو ڀاءُ به مري ويو. حضرت سيدنا طلحه رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ خواب ۾ ان کي ڏٺو ته جنت ۾ شهيد کان پهريان پيو وڃي، جڏهن اهو خواب حضور اقدس صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بيان ڪيائين ۽ ان جي شهيد کان پهريان وڃڻ تي تعجب ڪيائين ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو بعد ۾ مئو ڇا ان شهيد ڀاءُ کانپوءِ رمضان جا روزا نه رکيا! ۽ هڪ سال جون نمازون نه پڙهيون؟ مطلب ته حيرانگيءَ جي ڪا ڳالهه ناهي جو هن (بعد ۾ مرڻ واري) جي عبادت ان (شهيد ڀاءُ) جي عبادت کان وڌيڪ آهي. (سنن ابن ماجه جلد4ص313،حديث:3925 و المسند للامام لاحمد بن حنبل، الحديث: 8407، ج 3، ص 229)

---

[1] نه ته ائين ٿي ويندو جڻ "هڪ مصيبت مان نڪتو ٻئي ۾ وڃي ڦاٿو.

اي عزيز! اُتي لاءِ تو ڇا عمل جمع ڪيو آهي جو هتان ڀڄين ٿو؟ جيڪڏهن تون موت جي شدت ۽ سختي کان واقف ٿئي وڃين تہ آرزو ڪرين، ڪاش! سڄي دنيا جي تڪليف مون تي اچي ۽ ڪجھ ڏينهن موت کان مهلت ملي،

سيّد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: رنج جي ڪري موت جي تمنا نہ ڪيو، جيڪڏهن بيوس ٿي وڃو تہ چئو: ”اَللّٰهُمَّ أَحْيِنِىْ مَا كَانَتِ الْحَيَاةُ خَيْرًا لِّيْ وَ تَوَفَّنِىْ إِذَا كَانَتِ الْوَفَاةُ خَيْرًا لِّيْ“ ”اي رب پاڪ مونکي زندھ رک جيسيتائين زندگي منهنجي حق ۾ بهتر آهي ۽ مونکي وفات ڏئي، جنهن وقت موت منهنجي حق ۾ بهتر هجي.“ (سنن نسائي حديث:1817-1818، ص311، والمسند للامام لاحمد بن حنبل، الحديث: 11979، ج 4، ص 202.) هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن مان بهتر شخص ڪير آهي؟ سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جنهن جي عمر وڏي هجي ۽ ڪم چڱا هجن،“ وري عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن مان بدترين شخص ڪير آهي؟ فرمايائون: ”جنهن جي عمر وڏي هجي ۽ ڪم برا هجن.“ (ترمذي جلد4،ص148، حديث:2337)

پوءِ نيڪوڪار جي لاءِ زندگي نعمت ۽ بدڪار جي لاءِ زندگي سزا آهي، پر موت جي تمنا ان ڪري ڪرڻ تہ جيسيتائين جيئندس وڏيڪ گناھ ڪندس اها ناداني آهي، جيڪڏهن گناهن کي برو سمجهي ٿو تہ

انهن کي ڇڏي ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿئي[1] ۽ وڏي عمر طلب ڪري ته جيئن عبادت ۽ رياضت جي ڪري ان جي تلافي ٿئي سگهي.

إِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ[2]

حضرت بيبي مريم رضی اللہ عنہا جو فرمائڻ: يٰلَيْتَنِيْ مِتُّ قَبْلَ هٰذَا وَ كُنْتُ نَسْيًا مَّنْسِيًّا ﴿۲۳﴾[3] هي دعا هلاڪت ٿيڻ جي نه هئي بلڪ اها زمانءِ ماضي ۾ آرزو ۽ تمنا آهي. (ته مان هن واقعي کان پهريان مري وئي هجان ها) ۽ "رنج و مصيبت کان گهبرائڻ" جي قيد اسان انڪري لڳائي چوته اها دعا يعني(مرڻ جي دعا) رب پاڪ کان ملڻ جي شوق ۽ صالحين سان ملاقات لاءِ صحيح آهي.

حضرت يوسف علیہ السلام دعا ڪن ٿا: تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰۱﴾[4]

اهڙي طرح جڏهن دين ۾ فتنو ڏسي ته پنهنجي مرڻ جي دعا جائز آهي.

حضور اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم کان منقول آهي:

إذا أردتَ بقوم فتنة فاقبضني إليك غير مفتون[5]

---

[1] جيڪڏهن گناهن کي برو سمجهي تو ته گناه ڇڏي ڏيڻ لاءِ ڪمر بسته ٿي وڃي

[2] ترجمو: بيشڪ چڱايون براين کي مٽائي ڇڏينديون آهن

[3] ترجمو: چوڻ لڳي هاءِ ڪنهن طرح مان ان کان اڳي مري وئي هجان ها ۽ صفا وسريل ٿي وڃان ها

[4] ترجمو: مون کي مسلمان ڪري اٿار ۽ انهن سان ملاءِ جيڪي خاص تنهنجي قرب جا لائق آهن.

[5] اي الله! جڏهن تون ڪنهن قوم تي عذاب ۽ گمراهي جو ارادو فرمائين ته(انهن جي برن عملن جي سبب) ته مون کي بغير فتني جي پاڻ ڏانهن گهراءِ.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”توهان مان ڪوئي موت جي تمنا نہ ڪري پر جڏهن نيڪي ڪرڻ تي ڀروسو نه رکندو هجي.“ (مسند امام احمد بن حنبل، حديث: 8615، جلد3ص263)

قال الرضا: خلاصو هيءُ آهي تہ دنياوي مصيبتن کان بچڻ لاءِ موت جي تمنا ڪرڻ ناجائز آهي ۽ ديني نقصان جي خوف سبب موت جي تمنا ڪرڻ جائز آهي. ڪما في ”الدر المختار“ و ”الخلاصة“ وغيرهما[1]

مسئلو ستون: شرعي اجازت کان بغير ڪنهن جي مرڻ ۽ خرابي (بربادي) جي دعا نہ گهري،

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: (إذا سمعتم الرجل يقول هلك الناس فهو أهلكهم)
ترجمو: جڏهن توهان ڪنهن مرد کي اهو چوندي ٻڌو تہ ماڻهو هلاڪ ٿين[2] تہ اهو پاڻ سڀ کان وڌيڪ هلاڪ ٿيڻ وارو آهي.“
(مسند امام احمد بن حنبل، حديث:8689، جلد3ص102)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ شرابي کي حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ آندو ويو حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حد لڳائڻ جو حڪم ڏنو تہ ڪو ان کي چماٽ پيو هڻي، ڪو جوتا، فرمايائون: ”هن کي

---

[1] (الدرالمختار، ڪتاب الحظروالاباحة، فصل في البيع، ج 9 ص 691. و خلاصة الفتاوي، ڪتاب الڪراهية، الفصل الثاني في العبادات، ج 4، ص 340. و الهندية، ڪتاب الڪراهية، الباب الثلاثون في المتفرقات، ج 5، ص 379.)

[2] يعني جيڪو شخص ٻين جي هلاڪت ۽ خرابي چاهي تو اهو پاڻ سڀ کان وڌيڪ هلاڪ ۽ خراب هوندو آهي ۽ ڪجھ هلڪ الناس کي خبريہ جملو چون ٿا. يعني جيڪو ٻين کي هلاڪت ۾ مبتلا ۽ برو ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن کان بهتر سمجهي تو، تہ اهو سڀ کان وڌيڪ هلاڪت“ ۾ مبتلا ۽ برو آهي. والله اعلم بالصواب

ملامت ڪريو“ ڪنهن چيو: توکي خدا جو خوف نہ آيو، ڪنهن چيو: تو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بہ حياءُ نہ ڪيو، هڪ چيو: أَخْزَاكَ اللهُ ”خدا توکي خوار ڪري“ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ائين نہ چئو بلڪ چئو: (اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلَهُ اَللّٰهُمَّ ارْحَمْهُ) ”اي الله! هن کي بخشي ڇڏ، اي الله! هن تي رحم فرماءِ.“ (سنن ابي داؤد، حديث:4477_4478، ج4،ص616_617)

طفيل بن عمرو دَوسي پنهنجي قوم جي شڪايت ڪئي ۽ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قبيلہ دوس جي لاءِ دعا فرمائي[1] حضُورپاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَللّٰهم اهد دَوساً وآت بهم ”اي الله! دوس کي هدايت فرماءِ ۽ انهن کي هتي آڻ. (بخاري شريف جلد2 ص291، حديث:2937)

---

[1] حضرت طفيل بن عمرو دوسي يمن جي مشهور قبيلي دوس مان هئا، پاڻ مڪي شريف ۾ ئي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي مسلمان ٿي چڪا هئا، ۽ ان ڪان پوءِ پنهنجي وطن واپس موٽي ويا ۽ هڪ عرصي تائين پنهنجي وطن رهيا، جنگ خيبر جي موقعي تي پنهجي پيروڪارن سان گڏجي خيبر ۾ ئي حاضر ٿيا پوءِ مديني پاڪ ۾ رهڻ لڳا، جنگ يمن ۾ شهيد ٿيا، سندن خطاب ”ذوالنور“ بہ آهي، انهن اسلام قبول ڪندي وقت اهو عرض ڪيو هيو تہ: مونکي دوس وارن ڏانهن موڪليو ۽ مون کي ڪا نشاني عطا فرمايو جنهن سان قبيلہ دوس وارن کي هدايت نصيب ٿئي، حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا فرمائي: اي الله! هن کي نور عطا فرماءِ، ان دعا جي برڪت سان انهن کي ٻنهي اکين جي درميان هڪ نور چمڪندو هيو، انهن عرض ڪيو: مونکي خوف آهي تہ اهي ماڻهو ڪٿي ائين نہ چون تہ سندس شڪل بگڙجي وئي آهي تنهنڪري اها روشني ڪوڙي(ڏُري) جي ڪناري ڪان منتقل ٿي وئي، ان جو ڪوڙو(ڏُرو) انڌيري رات ۾ چمڪندو هيو انهيءَ ڪري ان جو نالو”ذوالنور“ پيو. ان جي اها دوس جي هلاڪت جي درخواست ٻيهر حاضري جي موقعي تي هئي. جڏهن تہ پاڻ خيبر ۾ پنهنجن اسي (80) نوي (90) ساٿين سان گڏ خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيا هئا، سندن اهو بہ عرض ڪيو هو تہ دوس ۾ زنا ۽ سود عام آهي انهن جي هلاڪت جي دعا فرمايو (تہ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي لاءِ هدايت جي دعا ڪئي. (نزهة القاري، ڪتاب الجهاد، باب الدعاء علي المشرڪين...الخ، ج 6، ص 227)

انهيءَ طرح جڏهن ثقيف[1] جي پٿرن سان ڪيئي مسلمان شهيد ٿيا ته صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانۡ عرض ڪئي انهن جي هلاڪت لاءِ دعا فرمايو. حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَللّٰهُمَّ اهۡدِ ثَقِيۡفاً "اي الله! ثقيف کي هدايت عطا فرماءِ."[2]

جنگ احد ۾ ظالمن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ظلم و ستم ڪري

[1] هيءُ بہ عرب جي هڪ قبيلي جو نالو آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زيد بن حارثہ سان گڏ طائف جو سفر ڪيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلہ ثقيف جي شريفن يعني عبد ياليل بن عمرو بن عمير ۽ سندس ڀاءُ مسعود ۽ حبيب کي اسلام جي دعوت ڏني پر انهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوت جو بري طرح جواب ڏنو، هڪ چيو: جيڪڏهن توکي خدا پيغمبر بڻايو آهي تہ هو ڪعبي جو پڙدو چيري رهيو آهي، ٻئي چيو: ڇا خدا کي پيغمبري لاءِ توکان سواءِ ڪو ٻيو نہ مليو؟ ٽئين چيو: مان هرگز اوهان کان ڪلام نہ ڪندس، جيڪڏهن اوهان پيغمبري جي دعويٰ ۾ سچا آهيو تہ اوهان سان گفتگو ڪرڻ خلافِ ادب آهي ۽ جيڪڏهن ڪوڙا آهيو تہ قابلِ خطاب ناهيو. جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مايوس ٿي واپس موٽيا تہ انهن ڪميڻن ماڻهن ۽ غلامن کي اياريو جيڪي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ انتهائي نازيبا ۽ گستاخانہ الفاظ چوندا ۽ تاڙيون ۽ سيٽيون وڄائيندا هئا. ايتري ۾ ماڻهو جمع ٿي ويا ۽ انهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي طرف ڪان صفون ٺڏي ورتيون جڏهن پاڻ سڳورا وچان گذرڻ لاءِ قدم مبارڪ کڻن پيا تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن تي پٿر وسائن پيا ايسيتائين جو نعلين مبارڪ خون سان پرجي وئي، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پٿر لڳڻ سبب تڪليف پئي ٿئي تہ هيٺ پيا ويهي رهن، پر بيهر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻانهن مان وٺي اٿارين پيا، جڏهن هلڻ لڳن پيا تہ پٿر وسائن پيا، گڏو گڏ کلندا بہ رهن پيا، عتبہ ۽ شيبہ جيڪي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪٽر دشمن هئا پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهڙي حالت ڏسي انهن جون دليون بہ نرم پئجي ويون. (ماخوذ من "السيرة الحلبية" باب ذكر خروج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الي الطائف، ج 1، ص498-499. و "السيرة النبوية" لابن هشام، ص 167)

[2] (سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب في ثقيف و بني حنفيه، الحديث: 3968)

ڏند مبارڪ شهيد ڪري ڇڏيا ۽ طائف جي ڪافرن سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نازڪ جسم تي ايتري قدر پٿر وسايا جو مبارڪ قدم رتو رت ٿي ويا پر ان جي باوجود بہ انهن لاءِ هلاڪت ۽ بربادي جي دعا نہ ڪيائون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن چاهن ها تہ اهي سڀ جا سڀ هلاڪ ٿي وڃن ها.

۽ عطيہ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۹۰﴾ [1]

جي تفسير ۾ چون ٿا: ”مُعْتَدِين“ مان مراد اهي ماڻهو آهن جيڪي ماڻهن کي پاراتا ڏيڻ ۾ حد کان وڌندا ۽ چوندا آهن: الله ان کي خوار ڪري، الله ان تي لعنت ڪري. (تفسير بغوي، پ8، سورة اعراف، تحت الاية:55، ج2ص138 وجدنا هذا القول تحت الآية: اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ)

مولانا يعقوب چرخي آيتِ ڪريمہ: فَاجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۵۰﴾ [2] جي تفسير ۾ لکن ٿا: عارف جو نصيب اهو آهي تہ بلائن تي صبر ڪري ۽ منڪرن جي انڪار کان تبديل نہ ٿئي بلڪ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت تي عمل ڪري ڇوتہ رسولِ ڪريم جو ارشاد آهي: اَللّٰهم اهد قومي فإنّهم لا يعلمون ”اي الله! منهنجي قوم کي هدايت عطا فرماءِ جو اهي سڃاڻن نٿا.“

---

[1] ترجمو: بيشڪ الله حد کان لنگهندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري. (پ-۲، سوره البقره، آيت ۱۹۰)

[2] ترجمو: پوءِ ان کي سندس رب چوندي ورتو ۽ پنهنجي خاص قرب جي لائقن مان ڪري ورتائين. (پ 29، القلم:50)

www.dawateislami.net

ها جيڪڏهن ڪنهن ڪافر جي ايمان نہ آڻڻ تي يقين يا ظنِ غالب هجي ۽ ان جي زنده رهڻ سان دين جو نقصان ٿئي يا ڪنهن ظالم کان توبہ ۽ ظلم ڇڏڻ جي اميد نہ هجي ۽ ان جو مرڻ، تباهہ ٿيڻ مخلوق جي حق ۾ مفيد هجي تہ اهڙي شخص جي لاءِ بد دعا ڪرڻ درست آهي.

حضرت سيدنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن ڏٺو تہ قوم جا سرڪش پنهنجي ڪفر و عناد کان باز نہ ايندا ۽ ودَّ ۽ سُوَاع، يَغُوث ۽ يَعُوق ۽ نسر کي نہ ڇڏيندا،[1] ربَّ تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪئي: رَّبِّ لَا تَذَرۡ عَلَى الۡاَرۡضِ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ دَيَّارًا ﴿۲۶﴾

"اي منهنجا رب! زمين تي ڪافرن مان ڪوبہ وسندڙ گهر نہ ڇڏ.
(پ29، نوح:26)

انهيءَ طرح حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام قبطين لاءِ بددعا ڪئي:

رَبَّنَا اطۡمِسۡ عَلٰٓى اَمۡوَالِهِمۡ وَ اشۡدُدۡ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ فَلَا يُؤۡمِنُوۡا حَتّٰى يَرَوُا الۡعَذَابَ الۡاَلِيۡمَ ﴿۸۸﴾

ترجمو: اي اسان جا رب انهن جو مال برباد ڪري ڇڏ ۽ انهن جي دل سخت ڪري ڇڏ پوءِ ايمان نہ آڻين جيستائين جو دردناڪ عذاب ڏسي نہ وٺن.

۽ انهيءَ قسم جي مقصد لاءِ اسان جي پيغمبر کان بہ ڪڏهن ڪڏهن

[1] حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي قوم انهن جي پوڄا ڪندي ۽ انهن جي عبادت ڇڏي ڏيڻ تي بلڪل تيار نہ هئي، سورة نوح جي آيت نمبر23 ۾ ان جو باقاعده ذڪر موجود آهي. وڌيڪ تفصيل جي لاءِ "خزائن العرفان" ص 686، "نورالعرفان" ص 912 ۽ "فتاويٰ رضويه" ج 24، ص 573 جو مطالعو ڪيو.

ڪجھ ڪافرن جي لاءِ بددعا ڪرڻ ثابت آهي.

قال الرضا؛ ڪجھ انهن مان حضرت مصنف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سُرُوۡرُ الْقُلُوۡبِ فِيْ ذِكْرِ الْمَحْبُوۡبِ جي باب معجزات ۾ ذڪر ڪيا آهن.[1]

مسئلو اٺون؛ ڪنهن مسلمان کي هي بد دعا نہ ڏي تہ تون ڪافر ٿي وڃين، جو ڪجھ عالمن جي نزديڪ اهڙي دعا ڪرڻ ڪفر آهي ۽ تحقيق هي آهي تہ جيڪڏهن ڪفر کي سنو يا اسلام کي برو سمجهي ڪري چوي تہ بيشڪ ڪفر آهي نہ تہ وڏو گناهہ آهي جو مسلمانن جي بد خواهي (برو چاهڻ) حرام آهي. خصوصًا مسلمانن جو برو چاهڻ اها سڀ کان بري ڳالهہ آهي

مسئلو نائون؛ ڪنهن بہ مسلمان تي لعنت نہ ڪري ۽ ان کي مردود ۽ ملعون نہ چوي، ۽ جنهن ڪافر جو ڪفر تي مرڻ يقيني ناهي ان جو بہ نالو وٺي لعنت نہ ڪري. ايستائين جو ڪجھ عالمن جي نزديڪ مڇر، هوا، جمادات (**بي جان شيون يعني پٿر، لوهہ وغيره**) ۽ **حيوانات** (پر وچون وغيره ڪجھ جانورن تي حديثِ پاڪ ۾ لعنت آئي آهي) تي بہ لعنت ڪرڻ ممنوع آهي. (منح الروض الازهر، ص72، و اشعة اللمعات ج، 4 ص 71)

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”مسلمان گهٽي ملامت ڪرڻ وارو ۽ لعنت ڪرڻ وارو ۽ فحش و بيهوده بڪڻ وارو ناهي هوندو.“ (سنن ترمذي جلد3،ص393، حديث:1984) ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ: ”گهڻي لعنت ڪرڻ وارا قيامت واري ڏينهن گواهہ ۽ سفارشي نہ هوندا.“ (مسلم شريف، حديث:2598،ص1400)

[1] (سرور القلب، معجزاتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ص 315-316.)

www.dawateislami.net

ٽين حديث شريف ۾ آهي: ”مسلمان جي لعنت ان جي قتل جي مثل آهي“. (صحيح بخاري، ج4 ص112، حديث:6047)

چوٿين حديث شريف ۾ آهي: ”جڏهن ٻانهو ڪنهن تي لعنت ڪندو آهي تہ اها لعنت آسمان جي طرف چڙهي ويندي آهي ان جا دروازا بند ٿي ويندا آهن تہ هتي تنهنجي جڳهہ ناهي، وري زمين جي طرف لهندي آهي ان جا دروازا بہ بند ٿي ويندا آهن تہ هتي تنهنجي جڳهہ ناهي، پوءِ ساڄي کاٻي پاسي ڦرندي آهي جڏهن ڪٿي نڪاٽو ناهي لهندي تہ جيڪڏهن جنهن تي لعنت ڪئي، اهو لعنت جو مستحق آهي تہ ان ڏانهن ويندي آهي نہ تہ لعنت ڏيڻ واري جي طرف موٽي ايندي آهي.“ (سنن ابي داؤد، جلد4ص362،حديث:4905)

وڏيڪ فرمايائون: اي عورتو! صدقو ڏينديون ڪيو مون توهان کي دوزخ ۾ ڪثرت سان ڏٺو آهي يعني عورتون دوزخ ۾ گهڻيون ڏٺيون. عرض ڪيو: ڪنهن سبب؟ فرمايائون: اوهان لعنت گهڻيون ٿيون ڪيو. (بخاري شريف جلد1ص123، حديث:304)

امام غزالي ”ڪيميائي سعادت“ ۾ نقل ڪن ٿا: حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني اقدس ۾ هڪ شخص سؤ (100) ڀيرا شراب پيتو، هڪ صحابي سڳوري ان تي لعنت ڪئي ۽ چيو: ڪيسيتائين ان جو فساد باقي رهندو!؟ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”شيطان ان جو دشمن موجود آهي اهو ئي ان لاءِ ڪافي آهي، تون لعنت ڪري شيطان جو ساٿي نہ ٿيءُ.“ (ڪيمياءِ سعادت، باب اول، جلد1،ص371)

۽ هڪ شخص شراب پيتو، ماڻهو ان کي ماري ۽ لعنت ڪري رهيا هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:”لعنت نہ ڪريو ڇوتہ اهو خدا ۽ رسول کي دوست ٿو رکي.“ (بخاري شريف جلد4ص330،حديث:6780)

سوال: شريعت مطهره ۾ ظالمن ۽ وياج خورن جي معاملي ۾ پوڻ وارن ۽ ان شخص تي جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ تي لعنت ڪري ۽ جيڪو بدعتي کي پاڻ وٽ رهائي ۽ جيڪو غيرخدا جي لاءِ جانور ذبح ڪري هنن کان علاوه انهن ٻين گناهگارن تي لعنت ڪري سگهجي ٿي جڏهن تہ گذريل نبين سڳورن بہ ڪافرن تي لعنت ڪئي آهي:

لُعِنَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَ عِیْسَى ابْنِ مَرْیَمَ ؕ[1]

۽ ملائڪ بہ انهن تي لعنت ڪن ٿا:

اُولٰٓىٕكَ جَزَآؤُهُمْ اَنَّ عَلَیْهِمْ لَعْنَةَ اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓىٕكَةِ وَ النَّاسِ اَجْمَعِیْنَ ﴿۸۷﴾ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا ۚ[2]

جواب: لعنت لغت ۾ بمعنيٰ طَرِّ دو ابعاد (يعني ڌڪارڻ ۽ دوري) آهي ۽ اصطلاح شريعت ۾ ڪڏهن هن مان رحمتِ الٰهي ۽ بهشت کان دوري، ۽ ڪڏهن قرب الٰهي و رحمتِ خاص کان دوري ۽ گذريل

---

[1] ترجمو: انهن تي لعنت ڪئي وئي جن ڪفر ڪيو بني اسرائيل مان دائود ۽ عيسٰي بن مريم جي زباني.

[2] ترجمو: انهن جو بدلو هي آهي جو انهن تي لعنت آهي الله ۽ ملائڪن ۽ ماڻهن سمورن جي. هميشہ ان ۾ رهن.

ٻانهن کي ان جي بارگاهه ۾ جيڪو مرتبو مليو ان مرتبي کان دوري مراد وٺندا آهن.[1]

پهرين معنيٰ ڪافرن جي لاءِ خاص آهي. جنهن شخص جو ڪفر تي مرڻ يقيني آهي جيئن: ابوجهل، ابولهب، فرعون، هامان انهن تي لعنت جائز آهي، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جن ڪافرن تي لعنت ڪندا ها، الله پاڪ جي ٻڌائڻ سان انهن جي ڪفر تي مرڻ کان واقف هئا ۽ ملائڪ به انهن تي لعنت ڪندا آهن ڇوته انهن جي بري انجام کان الله پاڪ جي ٻڌائڻ سان اهي به واقف آهن يا انبياء و ملائڪ ڪافرن تي ڪفر جي سبب لعنت ڪندا آهن يعني: لَعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۸۹﴾[2]

۽ ٻي قسم گناهه گارن کي به شامل آهي، قرآن و حديث ۾ جتي به لفظ لعنت گناهه گارن جي لاءِ آيو آهي اُتي ٻي معنيٰ مراد آهي، پر جواز ان قسم جو به مقيد ڪرڻ عام وصف جي ڪري مذموم آهي. لَعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الۡكٰذِبِيۡنَ ﴿۶۱﴾(ڪوڙن تي الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت) ۽ لَعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۱۸﴾(ظالمن تي خدا جي لعنت) چئي سگهون ٿا، ڪنهن شخص کي خاص ڪري لعنت نٿا ڪري سگهون.

---

[1] لغت ۾ ”لعنت“ جي معنيٰ دوري آهي. شرعي اصطلاح ۾لعنت جون به معنائون بيان ڪيون ويون آهن:

(1) الله پاڪ جي رحمت کان ۽ ان جي جنت کان دوري، ته ڪنهن تي لعنت جي معنيٰ ڪڏهن ته هي ٿيندي ته تون الله پاڪ جي رحمت ۽ جنت کان دور ٿئين

(2) ۽ ڪڏهن الله پاڪ جي قرب ۽ ان جي خاص رحمتن کان دوري، يا گذريل نيڪ ٻانهن کي ان جي بارگاهه ۾ جيڪو مرتبو مليو ان مرتبي کان دوري مراد هوندي.

[2] ترجمو: پوءِ منڪرن تي الله جي لعنت آهي.

شيخ محقق فرمائن ٿا:[1] ”لعنت ڪرڻ ڪنهن تي جائز ناهي ان ڪافر ڪانسواءِ جنهن جي ڪفر تي مرڻ جي سيد عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خبر ڏني، جنهن ڪافر جي باري ۾ اهو احتمال هجي تہ آخر ۾ ايمان آڻي سگھي ٿو[2] ان تي لعنت نہ ٿا ڪري سگھون.

[1] (اشعة اللمعات، ج 4، ص 71.)

[2] يعني اهو احتمال ٿئي سگھي ٿو فلاڻو ڪافر مرڻ مھل ايمان ڪٺي آيو هجي.

ڪجھ هن دور جا جاهل انهيءَ ڪي بنياد بڻائي سادي سودي مسلمانن کي پنهنجي فريب جي جار ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ”ميان! ڪافر کي بہ ڪافر نہ چئو! ڪھڙي خبر ڪڏهن مسلمان ٿئي وڃي؟“

مقامِ غور تہ اِهو آهي تہ پهريان پاڻ ڪافر چئي چڪا، پوءِ چون ٿا ڪافر نہ چئو، حالانڪ قرآن مان هن جي تائيد ٿئي ٿي تہ ڪافر کي ڪافر ئي چئجي ۽ مؤمن کي مؤمن، جا اوهان غور نٿا ڪريو تہ قرآنِ ڪريم ۾ ڪافرن کي ڪافر چئي پڪاريو ويو آهي بلڪ قرآنِ ڪريم ۾ هڪ مڪمل سورة جو نالو ئي ”سورة ڪافرون“ رکيو ويو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪوئي عاقل شخص هن حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگھي تہ جيڪا شيءِ جنهن وقت جنهن حالت ۾ هجي ان کي انهيءَ جنس سان پڪاريو وڃي، مثلاً: اناج جيستائين پنهنجي اصل حالت تي باقي آهي ان کي اناج ئي چيو ويندو ۽ جڏهن ان کي پيهي اٽو ڪيو ويندو تہ پوءِ ان کي ڪوبہ اناج چوڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو بلڪ ان کي اٽو ئي چوندو ۽ جڏهن اٽي مان ماني بڻائي وڃي تہ پوءِ ان کي اٽو نہ ماني جو نالو ڏنو ويندو ۽ جڏهن ان ماني کي کائي فُضلي (گندگي) جي شڪل ۾ خارج ڪيو وڃي تہ پوءِ ان کي ماني نہ بلڪ ان کي فُضلو (يعني گندگي) چيو ويندو، جيڪي ماڻھو ڪافر کي ڪافر چوڻ کان منع ٿا ڪن، تن حضراتن کي هي ڳالھيون چو نٿيون ياد اچن تہ اناج کي اناج نہ چئو ڪھڙي خبر ڪڏهن اٽو ٿي وڃي ۽ اٽي کي اٽو نہ چئو ڪھڙي خبر ڪڏهن ماني ٿي وڃي. وغيره

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

منهنجو مدني مقصد: ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”**مدني انعامات**“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل



عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net